# A Train To Pakistan

## (سنڌيءَ ۾)

خشونت سنگھ

سنڌي ترجمو: امجد ڪيريو

وائيس آف سنڌ برقي ڪتاب گهر

WWW.VOICEOFSINDH.NET

editor@voiceofsindh.net

انهي سال ايتري تہ گرمي ٿي هئي جو ڪانوَ جي اک ٿي نڪتي آسمان مان جڻ تہ باه ٿي نڪتي مينهن جي مند ڪافي دور نظر اچي رهي هئي ڪڪر مُڙي گڏ ٿي ويا هئا اجايل ڏرتي وسڪاري لاءِ بي قرار هئي. اهو 1947ع جو قصو آهي ڪلڪتي ۾ ڦڏا فساد شروع ٿي چڪا هئا اهي فساد اتر اولهہ اوپر ڏانهن وڌندا ستلج اڪري چڪا هئا. منو ماجرا انهن پلن پاڳن وارن ڳوٺن مان هڪ هو جتي اجا اها هوا ڪانہ گهلي هئي.

منو ماجرا ننڍڙو ڳوٺڙو هو، سڄي ڳوٺ ۾ پڪين جاين جو تعداد صرف ٽي هو. انهن مان هڪ ۾ لالا رام لال جو گهر هو، باقي ٻين مان هڪ سکن جو گوردوارو ۽ ٻئي ۾ مسلمانن جي مسجد هئي. انهن جي وچ م هڪ ٽڪندي ٽڪر ۾ هڪ جهريل جاءِ هئي جا ڳوناٽن جي گڏيل ملڪيت هئي ۽ ان جي وچ ۾ هڪ گهاٽو ۽ وڏو پپر جو وڻ بينل هو باقي سڀ ڪچا گهر هئا انهن گهرن جي پاسي هيناهيون ۽ انهن جي سامهون سوڙهيون گهٽيون هيون جيڪي آبادي کان ٻاهر وڃي ورهائجي ٿي ويون.

ڳوٺ جي اولهہ طرف هڪ وڏو ڍورو هو انهي جي چوڌاري ٻير جي ڪنڊيدار وڻ هئا .

ڳوٺ جي ستر پنجهتر گهرن مان فقط لالا رام جو هڪ گهر هو جيڪو پنهنجي اندر هندو آبادي ڪي سمائي وينو هو نہ تہ باقي سڀ اڌ آبادي سکن ۽ اڌ مسلمانن تي مشتمل هئي سک مالڪ ۽ مسلمان هاري هئا ۽ چار گهر پنگين جا هئا جن جو مذهبي عقيدو واضح ڪونہ هئو. اهي عيسائين ۾ عيسائي تہ مسلمانن ۾ مسلمان بنجي ويندا هئا ڪڏهن گوردواري جي زيارت ڪرڻ ايندا هئا. ڳوٺ ۾ هڪ ديوتا جو بت هو جنهن کي مسلمان هندو سک سڀ مڃيندا هئا ۽ پوڄا ڪندا هئا.

دراصل هي ڳوٺ ستلج جي ڪنڌي کان اڌ ميل پري هو. ڳوٺ جي اتر ۾ هڪ ميل تي ريل گاڏي جي پل هئي. منو ماجرا جي شهرت جو سبب ريلوي اسٽيشن جو وجود پڻ هئو ريل جو اهو پل هڪ پٽڙي وارو هئڻ سبب اسٽيشن تي مسافرگاڏين جي بيهڻ لاءِ جاءِ نهيل هئي جتي اهي گاڏيون بيهي ٻين گاڏين کي رستو ڏينديون هيون.

اسٽيشن تي ڪجهہ ريڙهين وارا پان ٻيڙي سگريٽ چانهن پڪوڙن مٺائي جا دڪان هئا. مسافرن جون ضرورتون پوريون ڪندا هئا. هتي ريڙهين جو تعداد محدود هوندو هو تنهڪري وڏي ماڻهو کي پنهنجي عظمت جو پورو پورو احساس هوندو هو ائين اسٽيشن ماسٽر گاڏي اچڻ کان پهرين بڪنگ ڪلارڪ جون ذميواريون پوريون ڪندو هو ۽ پوءِ ڪليڪٽر جون ذميواريون پوريون ڪندو هو.

برقي تار پهچائڻ ۽ وصول ڪرڻ بہ سندس ذميواري هئي ضرورت پوڻ تي سائي جهندي ڪٽي پليٽ فارم تي لوڏيندو هو. اهي گاڏيون جيڪي اتي نہ بيهنديون هيون تن کي پاس ڪرڻ لاءِ سندس هڪ ماتحت جيڪو بنهي طرفن جو سگنل ڪيرائيندو ۽ ڪٽندو هو ۽ ڪانٽا بدلائيندو هو. سانجهي کان پوء پليٽ فارم تي ڪتل ڪيترائي لئمپ روشن ڪندو هو سگنلن جي ساون ۽ ڳاڙهن جا ڳرا لئمپ ٽنگيندوهو پوءِ ٿڪندي ئي پنهنجي راتوڪي ڪار گذاري حرف غلط جيان مٿائي ڇڏيندوهو.

منو ماجرا ۾ گهٽيون گاڏيون نہ بيهنديون هيون، مسافر گاڏين مان بہ انهن ڏينهن ۾ رڳو صبح جو لاهور کان ايندڙ ۽ شام جو ويندڙ گاڏي بيهندي هئي. سچ تہ هي صرف مال گاڏي جي اسٽيشن هئي، پر هتي نہ ڪو مال لاٿو ويندو هونہ ڪو مال چاڙهيو ويندو هئو بتيون برڻ کانپوءِ اونداهي رات کي انجڻين جي سيٽين ۽ دبن جي ڪڙڪ جا ڌڌڪا پڌڻ ۾ ايندا هئا.

هڪ لحاظ کان منو ماجرا جي زندگي ۾ گاڏين جي وڏي اهميت هئي. پرہ ڦٽي کان اڳ لاهور ويندڙ ريل درياهہ جي پل تان لنگهي ٿي. هر روز پل تي پهچندي ئي ريل جو ڊرائيور زور سان سيٽيون وڄائي ويندو هو. اهي سيٽيون سڄي منو ماجرا کي جاڳائي ڇڏينديون هيون، وڻن تي وينل ڪانوَ ڪان ڪان شروع ڪري ڏيندا هئا. چمڙا هڪ ڊگهي اڏام ڪري پنهنجي جاءِ تي ڳولا ۾ پاڻ ۾ چڪتاڻ لائي ڏيندا هئا. مسجد جو ملون ٻانگ ڏيڻ جي تياري ڪندو هو، تڙ تڪڙ ۾ وضو ڪري قبلي طرف منهن ڪري ڪنن ۾ آڱريون وجهي وڏي سر سان ٻانگ ڏيندو هو. الله اڪبر مُلي جي ٻانگ پوري ٿيڻ تائين گوردواري جو ڀائي ميت سنگهہ بستري تان اٿي ويندو هو ۽ گوردواري جي کوہ مان پاڻي جي بالٽي ڀري ايندوهو. هڪ هڪ ڪري پاڻي جو وٽو پنهنجي بت تي وجهندو هو، ۽ هڪ منو تي جپ جي جو ورد ڪندو هو.

ڏهلي مان ايندڙ گاڏي جڏهن ساڍي ڏهين وڳي منو ماجرا پهچندي هئي ان مهل تائين سڀ مرد ۽ زالون پنهنجي ڪرت کي لڳي ويندا هئا مرد ٻني ۾ ۽ عورتون گهرو ڪم ڪار ۾ لڳي وينديون هيون ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون درياءَ جي ڪناري ڍور چارڻ ويندا هاري ناري جڏهن اشاروڪندا هئا تہ پاڻي جي ڏولن مان قلقل جو آواز تيز ٿي ويندو هو. رولو ڪتا مٽي جي پٽين جو سهارو ڳوليندا هئا ۽ چمڙا پنهنجي چڪتاڻ ختم ڪري وڻن جي ٿارين سان لڙڪي آرام ڪر ي رهيا هوندا هئا.

منجهند جو ٽپال گاڏي جي لنگهڻ تائين منو ماجرا جا رهواسي ماني کائڻ ۽ ٽڪ پيڄڻ لاءِ گهر موٽي ايندا هئا. سخت محنت ۽ جفاڪشي کانپوءِ لڳ ڀڳ هڙئي مرد ٻبر جي ڇانو ۾ تڏن تي ويهي ڪچهريون ڪندا هئا. ڊاڙون هٽندا هئا ۽ اوٻاسيون ڏيندا هئا. ڇوڪرا پنهنجن وهٽن کي هڪلي وٿاڻن ۾ ڇڏيندا هئا ۽ انهن جي پنن تان ٽپا ڏيئي ميري پاڻي ۾ ٽپي پوندا هئا.

ڏينهن لڙڻ کانپوء جڏهن لاهور مان ايندڙ گاڏي لنگهندي هئي تہ هڪ ڀيرو ٻيهر مرد ۽ عورتون پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ لڳي ويندا هئا. مال چاريندڙ ڇوڪرا ڍورن کي گهرن ۾ آڻيندا هئا. عورتون رات جي ماني تيار ڪرڻ شروع ڪنديون هيون. انهي مهل گهرن جا ڀاتي ڇتين تي گڏ ٿي ويندا هئا، جتي هو ماني کائيندا هئا، تنهن کان پوءِ هو جڏهن مال گاڏي ايندي هئي تہ مال بہ اچي وئي چئي سمهڻ جي تياري ڪندا هئا. مُلون هڪ ڀيرو سُر سان الله اڪبر جي صدا بلند ڪندو هو ۽ مومن

چتين تي پالڻهار کان دعا گهري آمين جي صدا بلند ڪندا هئا. گوردواري جو پائي ڪجھ ماڻهن کي گڏ ڪري رهوراس جو پاٺ ڪندو هو. ٻٻر جي وڻن ۾ ڪانگ ڏنون الاپيندا هئا. مال گاڏي ڳچ دير تائين اسٽيشن تي بيٺي هوندي هئي ۽ سندس انجڻ پاسي واري پٽڙي تي اڳيان پويان هلندو هو. گاڏي جي روانگي تائين ٻار سمهي رهندا هئا، تنهن ڪانپوءِ منو ماجرا ۾ خاموشي جو راڄ هوندو هو.

گرمين ۾ 47ع جي گرمين جي مند تائين هر نئون سج اهڙي طرح ايرندو هو ۽ لهندو هو ۽ پوءِ انهي سال اگسٽ جي مهيني جي هڪ اونداهي رات جو پنج ڇٽا منو ماجرا جي پروارن ٻٻرن جي جُهنڊ مان نڪري هوريان درياءَ پار وڏيا هو ڏاڙيل هئا. ٻن وٽ ٻرڇيون هيون ۽ ٻن جي ڪلهي تي بندوق هئي، پنجين جي هٿ ۾ ٽارچ هئي. هو واري تي ويهي رهيا ٽارچ واري ٻرڇي واري کان پڇيو ”تو جُگي لاءِ چوڙيون آنديون.“ ”ها سڄو سارو درجن وني آيو آهيان ڪاٻه جوان عورت ڏسي ته هرڪي پوي“.

”پڪ پانيو تا ته اهي چوڙيون جُگي کي نه وڻنديون“ هڪ بندوق واري چيو.

هوڪوري جي چوري کي ڏئي ٻه چا تو سگهي هوءَ مکڻ جهڙي نرم اڏ پکل انبن جهڙي چا نالو آهي هن جو نوران! سردار جي وات مان نڪتو. سڀ کلڻ لڳا، پوءِ سردار هوشيار ٿي وينو. ٻڌو مال گاڏي اچي وئي آهي. هلو هاڻ لالا رام لال کي ڏسون سردار اهو چئي اٿي بينو پوءِ جهڪي عبادت ڪرڻ لڳا. ۽ هنن پنهنجا منهن ڍڪي ڇڏيا.

اچوسردار چيو پوءِ هلڻ لڳا.

هوريان هلندي هو لالا رام لال جي دروازي تي پهتا هڪ بندوق واري هڪل ڪئي لالا ڪاٻه ورندي نه ڏني سڀ زور سان در ڪڙڪائڻ لڳا.

”ڪير آهي“ اندران زنانو آواز آيو.

”در کول اسين توکي ٻڌائون تا.“

”ڀڳوان جو واسطو لالا گهر ۾ ڪونهي.“

”نيڪ آهي اسين توکي تا ٻڌايون.“ سڀ در کي ڌڪا ڏيڻ لڳا. در کلي ويو هڪ ٻاهر باقي سڀ اندر ويا گهر ۾ ٻه عورتون ۽ هڪ ٻار هو.

اگڻ ۾ چار ڪٽون وڇايل هيون جن مان پدرو هو ته لالا گهر ۾ موجود آهي. ان بندوق واري عورت جي هنج مان ٻار ڪنيو ۽ بندوق هن جي مٿان رکي ته ٻار کان پڇيو لالا ڪٿي آهي؟ ٻار چيو ڇت تي! بندوق وارو ٻار کي پوڙهي جي هنج ۾ اڇلي مٿي چڙهڻ لڳو مٿي هڪ ئي ڪمرو هو لالا جي خبر پئجي وئي جيڪو پلنگ هينان وينو هو. هن ٽنگ مان گهلي ٻاهر ڪڍيو.

”تجوڙي جون چاٻيون ڪٿي آهن ؟“

لالا منهن پر پٽ تي ڪري پيو ۽ ڪيسي مان نوٽن جي ٿَٽي ڪڍي هن کي ڏيڻ لڳو: ”هي وٺ مون وٽ اهي ئي آهن“.

”اسانکي تجوڙين جون چاٻيون کپن“.

”تجوڙين ۾ ڪاتيدارن جي ڪاٽن ڪانسواءِ ڪجهه ڪونهي“ لالا سردار جي پيرن تي ڪري پيو. هڪ بندوق جو دستو ڪيس وهائي ڪڍيو

”هاءِ مري ويس.“

ماين لالا جون رڙيون ٻڌي، وني واويلا ڪئي ڏاڙيل ڏاڙيل پر ڪو بہ خدا جو بندو گهر کان ٻاهر ڪونہ نڪتو.

بندوقن جا ڏڪ هڻي لالا جو ڪچومر ڪڍيو ويو. ڏاڙيل اتان ٻاهر نڪري آيا ۽ هڪ هوا ۾ فائر ڪيائون.

سڄي ڳوٺ ۾ دهشت ڇانئجي وئي. ڏاڙيل ڳوٺ وارن کي ڪچيون گاريون ڏيندا ٻاهر نڪري آيا. سردار هڪ ساٿي کي چيو: ”جُڳي جو گهر اچي ويو سندس نذرانو نہ وسري وڃي ڪيس چوڙيون ڏئي پوءِ هلجي. “

هڪ نيزي واري ور مان چوڙيون ڪڍي پٽ مٿان اندر اڇليون.

”اڙي جُڳا وٺ هي چوڙيون پاءِ ۽ هٿن کي ميندي هڻ. ۽ ڪجهه وڃي ڪوري جي ڌي کي ڏي.“

پوءِ بغل وڄائيندا درياءَ طرف ويا جگي ڪا بہ ورندي ڪانہ ڏني هو تہ گهر ۾ ڪونہ هئي.

**************

جگو گهر ۾ ڪونہ هو هو ڪلاڪ ڪن اڳ گهر مان ٻاهر نڪري ويو هو چو جو مال گاڏي اچڻ کان پوءِ ڪو بہ گهر مان ڪونہ نڪرندو هو. گاڏي جي ڦهرئين آواز سان اٿي ڪري ٻاهر وڃڻ لڳو. ڪنڌ مان ٻڙڇي ڪٽي ورتي. ”ڪيڏانهن پيو وڃين؟“ ماڻس پڇيو ”ٻني تي پيو وڃان ڪالهہ رات سوئرن ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي.“

”ياد ڪونہ اٿئي توکي سج اڀرڻ کان اڳ گهر کان ٻاهر اجازت ڪونهي ڪير رپورٽ ڪري ڇڏي تہ اندر ڪري ڇڏيندا“

”اجهو ٿو اچان تون فڪر نہ ڪر“

”نہ پٽ نہ پٺهين وانگر ڦاسي تي نہ ٽنگين، منهنجي قسمت ۾ لڙڪ لکيل آهن.“

جُگي در ڪولي نظر ڦيرائي ڪير ڪونہ هو، پوءِ هو ڊبيل قدمن سان ٻاهر نڪري ويو. ٻني مان ٿيندو درياءَ طرف ويو ۽ پاٽي ۾ پير پساري ويهي رهيو پڇ تہ ڪير آهيان؟ اوچتو ڪنهن هن جي اکين تي هٿ رکيا جگي جو هٿ هن جي منهن تائين ويو ڏاڍي پيار مان انهي ڳلن اکين کي مهٽڻ لڳو.

اهي نوران جون نشانيون هيون نوران هن جي آڱرين ۾ ڏند کپائي ڇڏيا. پوءِ نوران جو جسم جگي جي ڀاڪر ۾ هو.

اوچتو ڳوٺ مان گولي جو آواز آيو.

”هي گولي جو آواز هو!“

ڊنل نوران چيو: ”مونکي خبر ڪونهي پر تون ڪيڏانهن ٿي وڃين بابا جي اک کلي هوندي هو مونکي ڳوليندو هوندو“.

جگي سندس وات تي هٿ رکي ٻيهر ٻانهن ۾ سمائي ڇڏيو. ”ڪير بہ گولي نہ ٿو هلائي تون هرو ڀرو ڀڳهرجي وئين“

پوءِ ڪيس روج راڙو ٻڌڻ ۾ آيو. هنن کان ٿوري پنڌ تي هٿيار بند پنج جٽا لنگهيا هنن منهن تان ٻوٿاڙا لاهي ڇڏيا هئا. هي ٻئي ڳوٺ ڏي هلڻ لڳا.

”منهنجي جيئري تنهنجو ڪوبہ وار ونگو نہ ٿو ڪري سگهي مون هرو ڀرو پنهنجي پاڻ تي بدمعاش جو ليبل ڪونہ لڳايو آهي.“ جگو پيچرا ڏيندو گهر پهچي ويو، ڪيترا ماڻهو سندس ماءُ سان ڳالهائي رهيا ها جگو واپس دريا ڏانهن موٽ ڪاڏي.

****************

ڪاري آفيسر منو ماجرا جي مشهوري جو ڪارڻ سندس ريلوي اسٽيشن ڪانسواءِ سرڪاري بنگلو هو. جيڪو پل جي اترئين طرف هو. پاٽي جي ڪنڌي تي نهيل اِهو بنگلو انبالهه ۽ جالندهر ۾ هڪ جهڙو مشهور هو. منو ماجرا ۾ ڌاڙي جي واردات کان هڪ ڏينهن اڳ اهو بنگلو ڪنهن وڏي آفيسر جي لاءِ سينگاريو ويو. ڪمرا صاف ۽ ڪرسين جي چند ڦوڪ ڪئي وئي، ڪجهه وقت ڪانپوءِ هڪ ميٽوڙي رنگ جي آمريڪن ڪار اندر داخل ٿي. صوبيدار اٽينشن ٿي مهمان جي سلامي پري، ڪار جي پوئين سيٽ مان شري حڪم چند نڪتو، هو علائقي جو اعلىٰ افيسر ۽ ڊپٽي ڪمشنر هو، صوبيدار ڪي ٻانهن مان اندر وٺي ويو. سپاهين ڪار مان سامان لاٿو، ڊپٽي صاحب نوڪر ڪي وسڪي آڻڻ لاءِ چيو پوءِ نئين وجود ۾ ايندڙ پاڪستان ۽ هندستان ۾ ٿيندڙ ظلم جو ذڪر ڪندي صوبيدار ڪي حڪم ڪيو ته ”اوڏانهن ويندڙ مسلمانن ڪي ڪوبه سامان کڻڻ نه ڏنو وڃي. منو ماجرا جون حالتون ته ٺيڪ آهن نه“ ڊپٽي پڇيو: ”سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي منهنجو خيال آهي ته اجا سوڌو ڪنهن ڪي خبر ڪونهي ته انگريز ويو هليو آهي“.

”ڏاڍو سنو پلا ڳوٺ ۾ ڪو بدمعاش ته ڪونهي؟“

”هڪ ئي آهي سائين جگو جنهن ڪي اوهان پابند ڪري رکيو آهي هو روز نمبردار ڪي رپورٽ ڪندو آهي“

”ڪهڙو جُگو؟ اهوئي عالم سنگهه جو پٽ جنهن ڪي ٻه سال اڳ اوهان ڦاسي جي سزا ڏني هئي.“

”ها اهو آئون سڃاڻان هو ڪا حرڪت ته ڪو نه ٿو ڪري هو هڪ نه ٻئي مهيني مون وٽ ڪنهن ڪيس ۾ ايندو آهي.“

”سائين اڄڪلهه هو قرلت ۽ ڌاڙا وغيره ڇڏي چڪو آهي اهو ڪم جيڪو پوليس ڪانه ڪري سگهي اهو هڪ سورنهن سال جي ڇوڪري ڪري ڏيکاريو آهي. “

”ڪير آهي اُها؟“ ڊپٽي صاحب وسڪي پيئندي چيو.

”سائين اها هڪ مسلمان جي ڌي آهي، سندس پيءُ انڌو آهي. مسجد ۾ ملان آهي.“

” ويري گڊ پلا شام جو ڪهڙو پروگرام آهي؟“

” چو نہ سرڪار آئون پلا ڪيئن ٿو وساري سگهان. مال جيڪر اوهان ڪي نہ وٽي تہ مونڪي نوڪري مان ڪڍي ڇڏجو.“

صوبيدار ٻاهر نڪتو ۽ صاحب آرام ڪرڻ لڳو.

********************************

ڏاڙي جي ٻئي ڏينهن اسٽيشن تي ڪافي رش هئي. منو ماجرا جي رهاڪن جي عادت هوندي هئي تہ هو ڏهين وڳي واري گاڏي ڏسڻ ايندا هئا. ملڪ جي ورهاڱي انهي شوق کي ويتر وڌائي ڇڏيو هو. هاڻي گاڏيون دير سان اچڻ لڳيون انهي ڏينهن گاڏي صرف هڪ ڪلاڪ ليٽ هئي جيئن جنگ ڪان اڳ هوندو هو. جڏهن گارڊ سيٽي وڄائي تہ هٿيار بند پوليس لٿي هڪ صوبيدار ۽ درجن ڪن سپاهي هئا. پوليس رام لال جي قتل ۽ واردات لاء آئي هئي. صوبيدار جڳي جي باري ۾ پڇيو هڪ ماڻهو صوبيدار جي ڪن ۾ ڦوڪ ڏني هن سپاهين کي ساڻ ڪري جڳي جي گهر کي گهيري ۾ آندو چار پنج سپاهي گهر ۾ ٽپي ويا جڳو هڪ ميري چادر تاڻي ستو پيو هو. هو سڄي رات جو جاڳيل هو صبوح جو گهر آيو هو سندس ماء ٻاهر ويل هئي. پوليس وارن جڳي جي هٿن ۽ پيرن ۾ ٻيڙيون لڳايون ۽ هن کي بندوق جا قنداق هڻي اٿاريائون.

ٽڪ ۽ اوجاڳي سبب اکيون مهٽيندي جڳو اٿي وينو. هن هٿڪڙين ۽ ٻيڙين ڏانهن بيپرواهي سان_ ڏٺو ۽ ڪجهہ دير لاء کيس وري جهپڪي اچي وئي ايتري ۾ جڳو جي ماء اچي وئي پنهنجو ڪنڌ هن جي رانن تي رکي پار ڪدي روئڻ لڳي .

جڳي ڌڪو ڏئي ماء کي پري ڪيو. ”تون روئين ڇو تي توکي خبر آهي تہ انهي ڏاڙي ۾ منهن جو هٿ ڪونهي.“

هو وڏي آواز ۾ چوڻ لڳي” هن کي ڇڏي ڏيو هن جو ڪو ڏوهہ ڪونهي آئون قسم تي ڪٺان“

”هي بدمعاش آهي هن جي گرفتاري لازمي آهي.“ پوء صوبيدار سپاهين کي اشارو ڪيو تلاشي ونو جهڙتي ونڻ تي هڪ ٻڙيچي نڪتي. صوبيدار جڳو کي چيو ”هي تنهن جي پيءُ هٿ رکي آهي اسين ڏسنداسين اهو اسان جو ڪم آهي“

جڳو جي ماءُ لڙڪ روڪي ورتا هن وٽ ثبوت هو. ٻڳل چوڙيون هن ڪڻي صوبيدار کي ڏيکاريون.

”هي ڪهڙي ڳالهہ جو ثبوت آهي؟“

”هي ڏاڙيل قتل ڪانپوءِ اسانجي گهر ۾ ڇڏيون آهن. جڳو سندس ساٿ ڪونہ ڏنو انڪري سندس بيعزتي ڪرڻ چاهي آئون پوڙهي ٻلا اهي پائينديس ڇا؟“

” انهي جو مطلب اهو ٿيو تہ جڳو کي ڏاڙيلن جي خبر آهي.“

” مون کي ڪا خبر ڪونهي آئون فقط اهو ئو ڄاڻان ته آئون ساڻن گڏ ڪونه هوس.“

” پوءِ هي چوڙيون ڪنهن اڇليون آهن؟“ جگو کي ڪاوڙ اچي وئي. هن ٻئي منيون پيڙي صوبيدار جي هٿ تي هنيون. ”ڪهڙو ماءُ جو يار آهي منهنجي گهر اڇلي ويو آهي.“

سپاهين گڏجي جگو کي مارڻ شروع ڪيو سندس امڙ وري رڙيون ڪري چيو هن کي نه ماريو اهو منهجو ڏوهه آهي.

سپاهين جگو کي مارڻ بند ڪيو. صوبيدار چيو ”تون پنهنجي لاڏلي جو ثبوت پاڻ وٽ رک اسين پاڻهي هن کان سڀ باسرائي وٺنداسين سيڪجهه پاڻهي ٻڌائيندو.“

پوءِ هن سپاهين کي حڪم ڏنو” هنکي ٻاهر ڪڍو.“

هٿڪڙين ٻيڙين سان جڪڙيل جگو کي ٻاهر ڪڍي آندو ويو هن وڃڻ مهل ماءُ سان ڪوبه محبت جو اظهار نه ڪيو ۽ چيو هي پالي رکڻ جي الزام ۾ مونکي ٿن مهنن کان وڌيڪ اندر نٿا رکي سگهن. ست سري اڪال جگو کي جيترو جلد ڪاوڙ آئي ايترو جلد لهي وئي. ڪيس در جي چانئٺ کان ٻاهر نڪرڻ سان ئي مار ۽ چوڙين جي ڳالهه وسري وئي. جگو کي ڪُوٽ وارن کان منهن لڪائڻ جي به ضرورت ڪونه هئي. هو سڀ کي ست سري اڪال چوندو ويو. هن سان گڏ صوبيدار ۽ سپاهي هئا. جگو جو ڪنڌ ۽ ڪلها پوليس وارن کان به مٿي نظر اچي رهيا هئا. جگو پريشان ڪونه هو هونئن به سندس اڌ زندگي جيل جي سيخن پويان گذري هئي. ڪيس سڀ وڏو بدمعاش ڪري ليکيندا هئا، هو به مات ڪري نه ويهندو هو. سندس هٿن ۾ ڪا نه ڪا واردات ڪرڻ جي خارش ٿيندي رهندي هئي. واندڪائي جي وقت سندس اندر جو شيطان جاڳي پوندو هو پوءِ هو ڪانه ڪا واردات ڪري ويهندو هو. حڪم چند جي حڪم جي پوئواري ۾ ڪيس ٽانگي چندر ننگر ٿاڻي لاءِ ويهاريو ويو.

اڄڪلهه ٿاڻي ۾ جوابدار ته گهٽا هوندا ڪٿي اسين فسادين کي جهليون ڪونه پهريون پيرو تون گرفتار ٿيو آهين ٻئي لاڪپ خالي پيا آهن. هڪ سڄو توکي_ ڏينداسون ٽانگي واري هروبرو گهوڙي تي چهبڪ جو سٽڪو لائي ڏنو.

جگو هن کي چيو ”توکي خدا جو ڊپ ڪونهي. اڄڪلهه ڪم ڪيئن پيو هلي؟“

” مڙيئي مولا جا احسان آهن. صوبيدار رحمدل ماڻهو آهي پيلا ٻڌاءِ ڪا مسلمان ڇوڪري هٿ ڪيئي نه؟“

” هاڻ ته خاندان ڪان زوري الڳ ڪيل ڪافي ڇوڪريون ملن پيون.“

”چو سردار توکي هڪ مسلمان ڇوڪري هٿ اچي وئي آهي ته آئون ڪو ڪڏڙو آهيان جو زوري ڪڄيل ڇوڪرين تي هٿ صاف ڪندو وتان.“

” حرامزادا“ جگو جوش ۾ چيو. پوءِ سوچڻ لڳو ڪيس اهو پتو ڪونہ پيو تہ سندس عشق جو چرچو ايترو مشهور ٿي ويو آهي جو چندر ننگر جو ٽانگي وارو بہ انهي راز ڪان واقف هو. ٽانگو ٽاٽي جي ٻاهرئين در وٽ اچي بيٺو. دروازي تي لکيل هو پلي ڪري آيا.

جگو کي سڌو جاچ واري ڪمري ۾ آندو ويو جتي ميز جي بلڪل مٿان ڪنگ جارج ڇهين جي تصوير لڳل هئي هيٺ لکيل هو رشوت حرام آهي هڪ پت تي گانڌي جي تصوير لڳل هئي تنهن جي هيٺان لکيل هو ايمانداري سڀ کان اعليٰ اصول آهي. حوالدار رجسٽر کولي سڄي ڏينهن جا واقعا لکيا. تنهن کانپوءِ جگو کي لاڪپ ۾ آندو ويو.

هڪ سپاهي ٽوڪ ۾ چيو: ”جگو وري اچي وئين! تو تہ ٽاٽي کي ساهرن جو گهر سمجهيو آهي.“

چا ڪجي صاحب اوهان کي بہ ناني ڪانسواءِ مزو ڪونہ ٿو اچي.“ جگو بدمعاش واري لهجي ۾ چيو.

لاڪپ ۾ پهچڻ سان جگو جا ڪونگهرا گونجڻ لڳا. هو سڄي رات سمهي ڪونہ سگهيو هو جيستائين صوبيدار اچي سجاڳ ڪيس ستو رهيو. ”ست سري اڪال“

صوبيدار صاحب: ”تون ڪڏهين بدمعاشي ڇڏيندين؟“

جگو: ”سهڻا سائين جيڪو دل چوي سو چئو پر هن ڀيري آئون بيگناهہ اچي ڦاٿو آهيان.“

” تون ڌاڙي جي رات ڪٿي هئين جلدي ٻڌاءِ.“

” ڪير هئا سرڪار مونکي ڪهڙي خبر آئون ڳوٺ ۾ ڪونہ هوس نہ تہ ڪنهن جي همٿ ڪونہ ٿئي ها جو منو ماجرا ۾ ڌاڙو هڻي.“

جگو فرش تي ماٺ ڪري وينو رهيو ”تون ڏندي ڪانسواءِ ڪو نہ ٻڌائيندين“. صوبيدار هنٽر ڦيرائيندي چيو

” نہ صوبيدار صاحب خدا جو قسم مونکي خبر ڪونهي “جگو صوبيدار کي جهڪندي چيو اهڙي نموني جهڪڻ تي هن کي ڦڪائي پئي ٿي پر هن کي پوليس جا موچڙ ا ياد هئا سوا ڇهہ فوٽ ڊگهہ مڙس کي پيرن تي ڪريل ڏسي صوبيدار جا نشا چڙهي ويا

”توکي ٻن ڏينهن جي موڪل ڏيان ٿو پوءِ بہ نہ ٻڌائيندي تہ اهڙو حشر ڪندو سانءِ جو سڄي عمر ياد ڪندين“ اهو چئي صوبيدار هليو ويو.

*****************

سيپٽمبر جي مهيني ۾ منوماجرا ۾ هر شيءِ هيٺ مٿي ٿي وئي هئي. گاڏيون بيهڻ کانسواءِ گذري وينديون هيون. مال گاڏي جو اچڻ مرڳو بند ٿي ويو هو. ڪيترين رات جي وڳڙي ۾ ڪٺاڪٺ جي آواز سان لنگهندي رهاڪن جا سپنا چور چور ڪري ڇڏينديون هيون ۽ سک سپاهين جو هڪ دستو اتي اچي رهائش شروع ڪر ي چڪو هو ۽ مورچو ٺاهي هر طرف مشين گنون ڪوڙي ڇڏيون هيون ڪنهن به ڳوناٽي کي ريل جي ويجهو اچڻ نه ٿي ڏنائون.

پوءِ هڪ ڏينهن پاڪستان مان ايندڙ هڪ گاڏي منو ماجرا اسٽيشن تي اچي بيٺي. پهرين نظر ۾ اها عام گاڏي لڳي پئي پوءِ ان گاڏي جي صورتحال معمول مطابق نه ٿي لڳي. دل ۾ ڊپ پئي ٿيو پوئين ڊبي مان هڪ گارڊ هيٺ لٿو ۽ ڊوڙندو اسٽيشن ماسترجي ڪمري ۾ ويو انڪانپوءِ ٻئي ڄڻا خيمن طرف ويا انهن جي انچارج سان ملاقات ڪيائون ان سپاهين کي سڏي حڪم_ ڏنو ته هو ڳوٺ جي ڪنهن به ماڻهو کي گاڏي طرف نه وڃڻ ڏين ۽ واپس موڪلي ڇڏين هڪ ماڻهو موٽر سائيڪل تي چندر ننگر موڪليو ويو. هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ صوبيدار پاڻ سان گڏ پنجاهه سپاهي وٺي اچي پهتو ۽ ڊپٽي حڪم چند پنهنجي آمريڪي ڪار ۾ اچي پهتو.

انهي ڪري منو ماجرا ۾ هلچل مچي وئي ماڻهو گهرن جي ڇت تي چڙهي اسٽيشن طرف ڏسڻ لڳا. لوهي واڙ جي پويان گاڏي لڪل هئي. ريل گاڏي جي ڪاري ڇت کانسواءِ ڪجهه نظر ڪونه ٿي آيو.

منو ماجرا جا رهاڪو نئين حادثي تي گوردواري ۾ ۽ عورتون نمبردار جي گهر گڏ ٿينديون هيون. ڳوٺ جي پنچايت ۾ ڪنهن جي شنوائي ٿيندي هئي ته اها فقط مسجد جي ملي امام بخش جي ۽گوردواري جي ميت سنگهه جي ٿي ٿيندي هئي امام بخش جي نّظر پهرين ڪمزور هئي سا بلڪل ويندي رهي هو مسجد ۾ ٻارن کي قران پڙهائيندو هو هو ۽ سندس ڏي ء خيرات ۾ ايندڙ اٽي ۽ ڦاٽل پراڻن ڪپڙن تي گذر ڪندا هئا ڪيس ڳوٺ وارا چاچا چئي مخاطب ٿيندا هئا.

پائي ميت سنگهه کي ايترو پيار ۽ احترام ڪونه مليل هو هو ڪاڙهن ۾ ڪڙهيل پڪي رنگ جو ڳوناٽو هئو مقاطعي مان ٿيندڙ اپت ۽ گوردواري جي نذر مان سندس گذر سني نموني ٿيندو هو پر ميت سنگهه هڪ خاموش ۽ خوش مزاج شخص هو ڪيس امام بخش سان ڪا به ڪدورت ڪانه هئي.

انهي ڏينهن گوردواري ۾ گڏ ٿيل مِيڙ بيحد ماتمي نوعيت جو هو. ڪنهن وٽ چوڻ لاءِ ڪجهه ڪونه هو. ڪنهن مهل ڪو چئي يا الله ته ڪو چوي واه گرو.

”سڀ خدا کان خير جي دعا گھرو .“ امام بخش چيو.

واه گرو چئي ميت سنگھہ پاڻ کي بہ خدا جي حوالي ڪري ڇڏيو بلڪل ان گھڙي هڪ سپاهي گوردواري ۾ آيو.

” ڳوٺ جو نمبردار ڪير آهي ؟“

بنتا سنگھہ ويجھو ويو سپاهي ڪيس ڪن ۾ ڪجھہ چيو پوءِ جڏهن بنتا سنگھہ واپس وريو تہ سپاهي وڏ ي واڪي چيو ”جلدي اڌ ڪلاڪ اندر“ اهو چئي سپاهي ويو هليو ماڻهو بنتا سنگھہ وٽ مڙي آيا هن حڪم واري اند ز ۾ چيو:

”اوهان سڀ گاسليٽ ۽ ڪانيون جيترين تي سگھن پنهنجن گھرن مان ڪٺي اچو ۽ اسٽيشن وٽ بِيِنل فوجي ٽرڪن تائين پهچايو.“

سڀ انهي جو سبب ڄاڻڻ لاءِ بيچين ٿيا تہ نمبردار کين دڙڪ ڪيندي چيو: ”اوهان بوڙا آهيو ڇا جيڪڏهن پوليس جون لنيون سهڻ جي سڌ اٿو تہ پوءِ نيڪ نہ تہ جلدي ڪريو “

سڀ پنهنجي گھرن ڏي روانہ ٿيا نمبردار بہ گھر ويو

ڪجھہ گھڙين ڪانپوءِ ڳوٺ وارا ڪانين جون پريون ۽ گاسليٽ جا دبا ڪٺي اسٽيشن تائين پهچائڻ لڳا. امام بخش بہ پنهن جي مٿي تان ڪانيون لاهي ٽرڪ ۾ ۽ گاسليٽ نمبردار جي هٿ ۾ ڏئي سک افيسر کي مخاطب ٿيندي چيو:

” سلام سردار صاحب امام بخش وري چيو سردار بيو تہ خير آهي نہ؟“

سردار هڪدم ڪنڌ ورائي هن ڏي ڏٺو ۽ چيو: ”هل هل توکي نّظر ڪونہ ٿو اچي تہ آئون ڪم پيو ڪريان“

امام بخش پڳ سنڀاليندو اچي ڳوٺ وارن سان شامل ٿيو. جڏهن ٽرڪون پرجي ويون تہ اسٽيشن ڏانهن روانيون ٿيون. ماڻهو بنتا سنگھہ کي ڦري آيا.

”اڙي نمبردار تون اسان کي ٻڌائين چو نٿو ڪهڙي ڳالھہ آهي جا لڪائين ٿو!“

” نہ ادا نہ مونکي خبر هجي ها تہ چو ڪو نہ ٻڌايان ها. آئون پوليس فوج کان ڪيئن ٿو پڇي سگھان اوهان ڏٺو ڪونہ چاچي سان ڪيئن بگڙي پيو سوئر جو ڦر! مون کي ڪهڙي پئي آهي پنهنجو پٽڪو لهرايان.“

سڀ اتان روانہ ٿيا ۽ پنهنجي ڇتين تي چڙهي بينا. کين اسٽيشن پرسان نهيل ڪئمپ طرف ٽرڪون ويندي نظر آيون. جتي اهي ٽرڪون بي گاڏي جي اوٽ ۾ هليون ويون. سج پل جي اوٽ ۾

لڪي ويو اڃن ڪڪرن ۾ هوريان هوريان ڏنڊ پڪڙجي وئي. ٽڪجي سڀ مايون ۽ مرد ڇتين تان لهي آيا .اتر طرف آسمان جو جامني رنگ بدلجي ڳاڙها الا ڇڏڻ لڳو. اهي اُلا آسمان طرف جهپ هٽي رهيا هئا. انهي ۾ سڙندڙ گاسليٽ ۽ ڪانين جي ڏپ هئي جيڪا سڙندڙ گوشت ۾ بدلجي وئي ڪنهن نہ ڪنهن ڪان انهي جي باري ۾ ڪونہ پڇيو. ڪين سڀ خبر هئي ڪين اها خبر هئي تہ اها گاڏي پاڪستان مان آئي هئي.

منو ماجرا ۾ اها پهرئين رات هئي جو ڪين امام بخش جي ٻرائيندڙ خدا جي حضور ۾ الله اڪبر جي صدا ٻڌڻ ۾ ڪانہ آئي.

**************

سجي ڏينهن جي ڊوڙ ڊڪ ڊپٽي کي صفا ساڻو ڪري ڇڏيو هو. ڊپٽي سندس اها ٿڪاوٽ جسماني نہ هئي پر سجي گاڏي ۾ ايترن لاشن مٿس سڪتو طاري ڪري ڇڏيو هوسندس هڙئي عِضوا ساه ڇڏي ويا هئا. جڏهن هو بنگلي ۾ پهتو تہ ٿڪ کان چور چور ۽ شڪست جي احساس سان گهيريل هو. وهنجي ڪپڙا بدلائي بستري تي ڊهي پيو. هن کي ڪيترن ئي ٻارن ۽ جوانن جا ڪپيل ۽ چچريل لاش نظر آيا. سڀ کان چٽي تصوير هڪ اڇي ڏاڙهي واري بزرگ جي هئي. ڊپٽي صاحب ڪيس جيئرو سمجهي بابا چئي سڏڻ جي ڪوشش ڪئي. اها تصوير هن جي اکين اڳيان ڦرڻ لڳي.

ليٽندي ئي ڪيس پنهنجن مائٽن جا موت ياد اچڻ لڳا. وسڪي انهن هيبت ناڪ خوابن مان سندس جان نہ ڇڏائي سگهي.

” ماني آڻيان سائين؟“ حڪم چند.

ماني ڪائڻ وساري وينو هو. ” نہ نہ آئون ماني نہ ڪائيندس تون رڳو نوڪرن کي چئي ڇڏ تہ هو پنهنجون ڪٿون وراندي ۾ وڇائين.“

پٽيوالو هليو ويو تہ هن کي خاطري ٿي تہ هو ماڻهن جي وچ ۾ ٻي فڪري سان سمهي سگهي ٿو. ڪڪرن جي گڙڻ سان ڊپٽي صاحب جي اک کلي پئي. بوندا باندي ڏسي ڪيس خيال آيو تہ مينهوڳي شروع ٿي چڪي آهي. ورانڊي ۾ ڪنهن جي هلڻ جو آواز ٻڌي هن جو سوچن جوسلسلو ختم ٿيو پوء هو ڪپڙا بدلائي وراندي ۾ آيو.

” رات مينهن تہ ڪونہ وٺو. آئون صبوح مينهن وسندي اوڏانهن ويو هوس. اتي ڪجهہ بہ ڪونهي. رڪ هڏيون ۽ ڪوپڙيون نظر اچي رهيون آهن. مون نمبردار کي نياپو ڪيو آهي تہ اوڏانهن ڪنهن کي بہ اچڻ نہ ڏنو وڃي. لاش ڪيترا هئا ڳڻئي مون تہ ڪونہ ڳڻيا پر فوجي آفيسرن جو خيال آهي تہ هزار کان مٿي هوندا. هري رام هري رام مسلمانن جي انهن ڳوٺن ۾ ڪهڙي حالت آهي. اوهانکي اهوئي ٻڌائڻ آيو آهيان چندر ننگر اڄ کن خالي ٿي ويو آهي جتي بہ ڪنهن مسلمان جا آثار ملن ٿا پاڪستاني فوجي کين سوار ڪريو کنيو وڃن. منو ماجرا ۾ اڃا تائين مسلمان موجود آهن نمبردار اطلاع ڏنو آهي تہ پنجاه سک شرنارٿي منو ماجرا ۾ پهچي ويا آهن ۽ گوردواري ۾ رهيل آهن.“

”اهو غلط آهي توکي تہ خبر آهي تہ شرنارٿين کي جالندهر ڪئمپ ۾ موڪلڻ جا حڪم جاري ٿي چڪا آهن.“

”نہ سائين انهن جو ڪو بہ نقصان ڪونہ ٿيو آهي. هونئن بہ درياءَ ۾ پاڻي بنھ گھٽ آهي. آئون ڪيترن هنڌن تي پوليس بيهاري سگهان ٿو.“

ڪجھ وقت ڪانپوءِ ڊپٽي صاحب چيو: ”رام لال جي قتل جو ڇا ٿيو؟“

”ها سائين ڪالھ جڳو اسانڪي ڌاڙيلن جا نالا ٻڌايا آهن. مون ڪجھ سپاهي انهن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ موڪليا آهن.“

”ملهي ۽ سندس ساٿي ڪير آهن سک يا مسلمان؟“ ڊپٽي صاحب اوچتو سوال ڪيو.

”سک آهن سائين.“

ڊپٽي صاحب سوچن ۾ گم ٿي ويو. هن ٿاڻيدار کي چيو: ”ملهي ۽ سندس ساٿين کي ڇڏي ڏي. باقي جڳو کي متان ڇڏين اسانڪي انهي جي ضرورت پوندي. مسلمان مهاجر ڪئمپ جي ڪمانڊر کي نياپو ڪجان تہ هو منو ماجرا جي مسلمانن کي ڪٽي وڃڻ لاءِ ٽرڪ موڪلي ڇڏي.“

ٿاڻيدار سلوٽ ڪري سائيڪل تي چڙهي گپ پريل رستي تي هليو ويو.

******************

يارهين وڳي تائين گوڙ ڪري وسندڙ مينهن هلڪي رم جهم ۾ بدلجي ويو. ٺاڻيدار سائيڪل جي رفتار اجا وڌائي. هن روزنامچي ۾ ملهي ۽ سندس ساٿين جي باري ۾ ڪنهن به قسم جي داخلا ڪان اڳ ٺاڻي تي پهچڻ ٿي چاهيو. هن جي سائيڪل جيئن ئي ورانڊي ۾ پهتي ته سپاهين اٽي ڪيس سلام ڪيو.

" حوالدار موٽيو يا نه"

" اڃي ويو آهي سائين."

"هن روزنامچي ۾ ڪجهه لکيو ته نه آهي؟"

نه سائين سندس چوڻ هوته اوهانجي اچڻ ڪان اڳ ڪا به داخلا نه ٿيندي" ٺاڻيدار خوش ٿيو هڪ ٿلهو رجسٽر سامهون داخلا لاء ڪليو پيو هو آخري داخلا سندس ئي لکيل هئي

"شاباس اوهان ملهي ڪي جڳو واري ڪوٺڙي ۾ ته ڪونه بند ڪيو آهي"

"نه سائين نه ٺاڻي ۾ خون ٿي وڃي ها هن ملهي جي نه ڇڏي ماء نه ڀيڻ اهڙيون ڪچيون گاريون ڏنائينس جو بس."

" ملهي جڳو ڪي ڪو جواب ڪونه ڏنو "

"نه سائين نه هو ته ڊڄي ويو ۽ چيائين ته انهي ڏاڙي ۾ سندس ڪو به هٿ ڪونهي جڳو ته ڪيس چيرڻ ٿي آيو."

" پوء ته هٿ ملاڪڙو ٿيندو. آئون ملهي ۽ ٻين ڪي ڇڏي رهيو آهيان ."

سپاهي ان جي ڳالهه سمجهي نه سگهيو پر هن ڪيس چيو: "توڪي خبر ڪونهي نوڪري ڇا ٿيندي آهي! وڃ حولدار ڪي چئو ته جلدي اچي."

ٿوري دير ڪانپوء حولدار اچي پهتو: "جي سائين حڪم"

ٺاڻيدار پينسل جو گوري وارو پاسو ڪن ۾ گهمايو پوءِ ان تي لڳل مر ڪي ڏٺو ۽ سگريٽ ڪيسي مان ڪڍي دڪائي سوٽا هڻڻ لڳو.

"هيڊ ڪانسٽيبل صاحب اڄ گهڻا ڪم ڪرڻا آهن اهي سڀ اوهان جي هٿان ٿيڻ ڪپن."

”حڪم ڪريو سائين.“

”پهرين تہ ملهي ٽولي کي منو ماجرا ڇڏي اچ. اهڙي جاءِ تي، جو ڳوٺ وارا ڪين ڏسن. ٻي ڳالهہ تہ ڳوٺ وارن کان پڇ تہ هنن سلطانہ ۽ سندس ساٿين کي ڪٿي ڏٺو تہ نہ آهي. مون کي خبر ڪانهي تنهن ڪري ڳوٺاڻن کان پڇڻ ۾ ڪو هرج ڪونهي پلي ڪين خبر چو نہ هجي.“

” مون سمجهيو سائين.“ حولدار بنا سمجهڻ جي چئي ڏنو.

”ها هڪ ٻي بہ ڳالهہ. هڪ سپاهي کي مون ڏانهن موڪل جو منهنجو خط مسلمانن جي ڪئمپ ڪمانڊر لاءِ کڻي وڃي تہ هو سپاٽي صبوح جو منو ماجرا جي مسلمانن کي کڻي وڃڻ لاءِ اچن.“ حولدار سمجهي ويو ۽ چڱوسائين چئي هليو ويو.

ٿاڻيدار پٽڪو مٿي تي ٺيڪ ڪري رکيوءِ اگهڻ ڏي ڏسڻ لڳو جڏهن حولدار هٿڪڙيون کڻي آيو تہ هو اٿي بيٺا. جگو کو شڪ جو اظهار نہ ڪيو .ملهي جگو جي ڪاوڙ جاچي ورتي هو دل ۾ فيصلو ڪري ويٺو هو تہ جگو کي ٽوڪون هڻبيون سپاهي ملهي ۽ سندس ساٿين کي هٿڪڙيون هڻي اڳيان هلڻ لڳو.

”تون تہ اسان کي اک کڻي بہ نہ ٿو نهارين. اسين تنهنجي جدائي ۾ تڙپون پيا.“ ملهي چيو.

”ڇڏينس کڻي!“ هن جي ساٿي چيو.

جگو سيخن پويا ن هنن کي تڪي رهيو هو. ”لڳي ٿو تہ سردار جگت سنگهہ اڄ چاڪ ڪونهي .اسين هڪ پيرو وري ست سري اڪال چئون ٿا“ ملهي ويجهو وڃي جهڪي چيو.

جگو ست ڏيئي کڻي ملهي کي ڪٽڙ مان جهليو. ملهي جو پٽڪو ڪري پيو هن ملهي جو ڪنڌ لوهي سيخن سان ٽڪرائڻ شروع ڪيو ۽ هڪ گار لاهي ٻي تي چاڙهيائينس.

ملهي جو مٿو رتو رت ٿي ويو هو رڙيون ڪرڻ لڳو. ٿاڻيدار پنهنجو پسٽل هن ڏي ڪري چيو: ”ڇڏي ڏينس سوئر جا ٻچا نہ تہ . . .“

جگو ملهي جو هٿ ٻنهي هٿن ۾ جهلي هن جي منهن تي ٿڪيو ۽گار ڏيئي پويان ڌڪو ڏنو.

****************

جڏهن ڳوٺ وارن کي خبر پيئي تہ گاڏي لاشن سان پرجي آئي آهي تہ سڄي ڳوٺ مٿان سڪتو ڇانئجي ويو. گاڏي ائين ئي ماٺ ۾ هلي وئي جيئن آئي هئي. ماڻهو پوءِ بہ تڪيندا پئي ويا شايد اجان بہ ڪا گاڏي لاش کڻي اچڻ واري هئي.

ڳوٺ کان ڪجهہ پري پوليس ڪجهہ جوابدارن کي پاڻ سان وٺيو پئي آئي. جڏهن سپاهي جوابدارن کي وڻ هيٺان پهچايو تہ منو ماجرا جا ڪيترائي ماڻهو گڏ ٿي چڪا هئا. حولدار هنن جون هٿڪڙيون کولي انهن کان ڪاغذ تي صحيح ورتي ۽ حڪم ڏنو تہ هفتي ۾ بہ پيرا ٿاڻي تي اطلاع ڪن.

ڳوٺ وارا حيران ٿي ويا شايد پوليس کي سندن حق ۾ ڪوئہ ڪو ثبوت مليو هوندو نہ تہ ڪين هرگز نہ ڇڏين ها.

حولدار نمبردار کي هڪ پاسي وٺي ويو ۽ ڪجهہ چيو نمبردار واپس اچي ڳوٺ وارن کان پڇيو حولدار صاحب پڇي ٿو تہ اوهان مان ڪنهن کي سلطانہ بدمعاش جي خبر تہ ڪونهي؟

ڪيترن هڪ ئي وقت چيو هو تہ پاڪستان هليا ويا آهن اهي سڀ مسلمان هئا.

” اهي لالا رام لال جي قتل کان اڳ ويا هئا يا پوءِ ؟“

”پوءِ .“ ڳوناٽن هڪ ئي وقت چيو. ڳوٺ وارا پريشان ٿي هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا. ڇا هنن ڌاڙو هنيو هو؟ سڀ ماڻهو هڪ ٻئي سان زور زور سان ڳالهائڻ لڳا.

حوالدار هڪ سپاهي کي سڏي ڪاغذ هن جي حوالي ڪري چيو ڪو ٽانگو ڪري هي چٺي پاڪستاني فوج کي پهچاءِ. ڇئجانس تہ منو ماجرا جون حالتون خراب آهن هو منو ماجرا کي خالي ڪرڻ لاءِ پنهن جون ٽرڪون ۽ سپاهي موڪلي ڏئي.

حوالدار سپاهين کي اباوت ٽرن ڇئي واپس وٺي ويو ۽ ميت سنگهہ ڳوٺ وارن جي سوالن جا جواب ڏيڻ کان اڳ گوردواري ويو هليو.

منو ماجرا ۾ حوالدار جو چڪر لڳائڻ ڪانپوءِ سڄو ڳوٺ ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويو. مسلمان مايوس ٿي پنهنجي گهرن ڏانهن روانہ ٿيا. سکن جون مسلمانن سان ڪيل عقوبتون ڪين ياد اچڻ لڳيون. شريف عورتن کي وچ بازار ۾ ننگو ڪيو ويو هو. ڪيترن ئي عورتن عزت بچائڻ لاءِ خود

ڪشي ڪئي. مسجدن ۾ سوئر ڪنا ويا هئا! قران شريف جا ورق ڦاڙيا ويا هئا. اهو سڀ ياد ايندي ئي ڪين منو ماجرا جو هر سک زهر جي تکي ڪٽي ڦرندي نظر ٿي آيو. ڪين پهريون ڀيرو احساس ٿيو ته پاڪستان هنن لاءِ چا هو هڪ پناهه گاهه جتي ڪو به ظالم سک نه هو.

سک ته اڳيئي ڪاوڙيا وينا هئا. ”ڪنهن مسلمان تي ڪڏهن ڀروسو نه ڪجو.“ اهي گرو گوبند سنگهه جا حوالا ڏئي چوندا هئا. هو گرو ارجن سنگهه جي ٿپنڊڙ پير جي ترين جو ذڪر ڪندي، گرو تيغ بهادر جو سر قلم ٿيڻ جي ڪهاڻي بيان ڪندي، گرو گوبند تي ٿيل ڳجهي حملي جو ذڪر ڪندي ۽ سندس چئن پٽن جي پٽ جي بنياد ۾ لنبجڻ جو واقعو بيان ڪندي اورنگزيب جي هندن سان ڪيل زيادتين جي باري ۾ سوچڻ لڳندا هئا ته ڪيئن هو سوا مڻ جو جٽيو لاهڻ ڪانسواءِ ماني ڪونه ڪائيندو هو. ڪيئن هنن کي اذيتون ڏيئي اسلام قبول ڪرڻ تي مجبور ڪندو هو. ڪيئن هنن گوردواري ۾ ڳئون ڪنيون هيون ۽گرنٿ صاحب جي ورقن کي ڦاڙيو هو. هنن هندو ۽ سک عورتن جي بيعزتي ڪئي. سک شرنارٿين عورتن جا قصا بيان ڪيا ها جيڪي مسلمانن جي هٿ لڳڻ کان اڳ سڙي مري ويون هيون، جيڪي جيئريون بچي ويون هيون انهن جا اگهاڙو ڪري جلوس ڪڍيا ويا ۽ بيعزتي ڪري ماريو ويو. هاڻ سکن ڏٺو ته منو ماجرا ۾ سکن سان پريل هڪ ريل گاڏي کي ساڙيو ويو. رام لال قتل ڪيو ويو پوءِ پلي قاتل ڪير هئا پر اها سپن کي خبر هئي ته رام لال هندو هو ۽ سلطانه ۽ سندس ساٿي مسلمان هئا. منو ماجرا جي سکن اتي جي مسلمانن سان مقابلي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو.

هنن جي انومان مطابق مسلمان صفا احسان فراموش هئا سک ڪڏهن به استدلال جي پيروي نه ڪندو آهي جيڪڏهن هو جوش ۾ اچي ويو ته سندن استدلال هڪ ڏک سان بي معني ٿيو وڃي.

اها صفا گهگهه اونداهي رات هئي. اهي ڪڪر لهرن جي روپ ۾ آيا ۽ سڄي چنڊ کي ڍڪي ڇڏيائون ڪجهه سک جاٽ نمبردار وٽ گڏ ٿيا جنهن کي جتي جاءِ ملي اتي ويهي رهيو. هو رڳو اهو چوندا رهيا ته رب اسان کي گناهن جي سزا ڏني آهي.

”ها رب اسان کي گناهن جي سزا ڏني آهي.“

”پاڪستان ۾ وڏو ظلم ٿيو آهي. اسان کي سوچڻ کپي ته اسين انهن سوئرن جو ڇا ڪريون جيڪي اسانجي وچ ۾ وينا آهن اسان ته ڪين پنهنجو ڀاءُ بنايو. هي ته زهريلا نانگ نڪتا!“

ميت سنگهه جو پارو چڙهي ويو: ”هنن تنهنجو ڇا بگاڙيو آهي ڪو اوهانجي زمين ڪسي آهي ڪو اوهان جي گهرن ۾ گهڙيا آهن ؟“

”شرنارٿين ڪان پڇيوهنن ڇاڇا نه ڪيو آهي!“

”آئون منو ماجرا جي ڳالهه پيو ڪريان هنن هارين اسان جو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي.“

”اهي مسلا آهن.“

نمبردار چيو: ”جيڪي ٿيو سو ٿيو اسين سوچيندا‌سين ته اسان کي هاڻ ڇا ڪرڻو آهي هي جيڪي شرنارٿي گوردواري ۾ ٽڪيا آهن سا ڪا نه ڪا واردات ڪندا جنهن سان ڳوٺ جي بدنامي ٿيندي.“

”اسين ڏسنداسين ته اسان جي جيئري ڪير هنن ڏي اک کڻي ته ڏسي.“

”ٻڌو ڀائرو! ڪنهن جي نيت ته پڙهي ڪانه ٿي سگهجي. اڄ هتي چاليهه شرنارٿي گڏ ٿيا آهن سڀاڻ ٻيا ايندا جن تي پاڪستان ۾ ظلم ٿيا هوندا اسين اهو سهي سگهنداسين ته اسانجي هارين تي هو پنهنجي ڪاوڙ لاهين.“

”تو واهه جي ڳالهه ڪئي آهي.“

اهي سک پنهنجي باري ۾ ڄاڻندا هئا اهي ڪنهن بي گناه کي پناهه ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نٿي سگهيا. ڳوٺ جي مسلمانن کي وچڻ لاءِ چئي نٿي سگهيا. پنهنجي ڳوٺ وارن سان ظلم ڪين ڳئون ڪائڻ جهڙو ظلم ٿي لڳو. ڪنهن جي به دل اهو نه ٿي چاهيو ته هو ڳوٺ مان لڏي وڃن.

ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ نمبردار چيو: ”پرواري ڳوٺ جا سڀ مسلمان چندر ننگر موڪليا ويا آهن ڪيترا ته سڌو پاڪستان ويا آهن.“

”اسين پنهنجي هارين کي ڪيئن ٿا چئي سگهون ته منو ماجرا خالي ڪريو! اها ته پنهنجي اولاد کي گهرن مان ڪڍڻ جهڙي ڳالهه ٿيندي! ڪو اهڙو آهي جو ڪين چئي سگهي؟“

اڃا ڪنهن جواب ڪونه ڏنو ته چانئٺ تي ڪو ماڻهو اچي بينو جهڪي روشني ۾ ڪير سڃاڻي ڪونه سگهيو.

”ڪير آهي اندر اچ؟“

امام بخش اندر آيو پويان به ٻه ڄڻا ٻيا به آيا.

”سلام چاچا امام بخش چاڪ چڱو ڀلو.“

”ست سري اڪال.“ نمبردار ماڻهن هنن لاءِ جاءِ ڪئي امام بخش چيو ”ها ڀائرو اوهان اسان جي باري ۾ ڪهڙو فيصلو ڪيو آهي؟“

سڀ نمبردار ڏي ڏسڻ لڳا

”اسان کان ڇا ٿو پڇين؟“

”منو ماجرا جهڙو اسانجو تهڙو توهانجو پر اها ته ٻڌي ورتي ته ماڻهو ڇا پيا چون پاسي جا ڳوٺ خالي ڪرايا ويا آهن اوهين چئو ته اسين هليا وڃون.“

هڪ نوجوان جواب ڏنو: ”امام بخش ڳالهه اها آهي ته جيسين اسين جيئرا آهيون ڪنهن ۾ ايتري جرئت ڪانهي جو اوهان کي ڪجهه چوي!“

امام بخش پٽڪي جو پلئه اکين تي گهمايو ۽ ڪڙتي جي پاند سان نڪ صاف ڪيو. ”اسان جو پاڪستان سان ڇا اسانجا ابا ڏاڏا هتي ڄاوا ۽ مئا اسين اوهان سان ڀائرن وانگر رهندا آيا آهيون.“

هو روئڻ هارڪو ٿي پيو. ميت سنگهه کيس ڀاڪر وڌو ۽ روئڻ لڳو ٻيا ماڻهو اندر ۾ رنا پوءِ ڊڪون ڏيڻ لڳا.

نمبردار همٿ ڪري چيو: ”جيستائين اوهانجي دل چوي هتي رهيا پيا هجو. اسين ڪيترا ماڻهو آهيون پاڪستان مان هزارن جي تعداد ۾ شرنارٿي ايا آهن انهن جي ذميواري ڪير کڻندو؟“

هائو سين چيو: ”اسان ٻڌو آهي ته ڳوٺ وارن کان ٻيٽا ماڻهو بندوقن ۽ ڇرين سان اچن پيا جن کي روڪڻ جو سوال ئي نه ٿو پئدا ٿئي.“

” پوءِ ڀلا ڪهڙي صلاح؟“

چاچا نمبردار چيو: ”جيسين حالتون نيڪ ٿين اوهان گهرن کي تالا هڻي ڪئمپ ۾ هليا وڃو اسين تيسين مال وڙي جي سنڀال ڪنداسين جيسين اوهان موٽي اچو.“

نمبردار جي ڳالهه سيني جي گڏيل راءِ هئي. اهو سيني جي دلين جو آواز هو. امام بخش اٿي کڙو ٿيو.

”نيڪ آهي جيڪڏهن وڃڻو آهي ته پوءِ اسين هينئر ئي ٿا وڃون.“

نمبردار کي گناه جو احساس ٿيو. هن وري امام بخش کي گلي لڳايو. هن جي دل پرجي آئي ۽ ڊڪون ڏئي روئڻ لڳو پوءِ سڀ سک مسلمان هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ گم ٿي ويا. امام بخش نمبردار کان جدا ٿيو

” اسان کي روئڻ نه کپي زماني جو دستور ئي اهڙو آهي.“

”سدا نه باغين بلبل بولي

سدا نه موج بهاران

سدا نہ ماپي حسن جواني

سدا نہ مجلس ياران.“

” هائو دستور اهوئي آهي چاچا.“

امام بخش ۽ ساٿي لڙڪ لاڙيندا هليا ويا. امام بخش پهرين گهر ويو نوران سمهي چڪي هئي هن ان کي اٿاريو.

”ڇا آهي؟“

”اٿ سامان ٻڌ صبوح جو هلنداسين.“

”پر ڪيڏانهن؟“

”پاڪستان.“

”آئون ڪا نہ وينديس پاڪستان.“

”سڀ ڪپڙا پيتي ۾ وجهہ. مينهن جي لاءِ ڪجهہ کڻ اها بہ ڪاهڻي پوندي .“

”مون کي پاڪستان وڃڻو ڪونهي.“

”تون وڃين يا نہ وڃين پاڻهي توکي ڪڍي ڇڏيندا.“

امام بخش هن کي کٽ تي ڇڏي هليو ويو نوران پٽ ڏي ڏٺو هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪري

***********

اها رات منو ماجرا ۾ ڪيترن ئي جاڳي گذاري. هو هڪ ٻئي سان ملندا ڳالهيون ڪندا رهيا. روئندا، پيار محبت جون ڳالهيون ڪندا رهيا. هڪ ٻئي کي دم دلاسو ڏيندا رهيا. امام بخش سيني مسلمانن کي اطلاع ڪري گهر آيو سامان جئين جو تئين پيو هو هو ايترو اداس هو جو ڏي تي ڪاوڙ به نه ڪري سگهيو. جدائي جو ڏپ ٻارن توڙي ٻڍن سيني کي روئاڙي ڇڏيو هو.

مينهن سڄي رات وسندو رهيو سڄي رات جاڳڻ ڪري ڳوناٽا صبوح جو هوا جي لولي سبب ننڊ جي هنج ۾ گم ٿي ويا.

************

ڳوٺ وارن کي ٽرڪن جي هارنن ۽ ڦهرئين گئير جي آوازن جاڳائي ڇڏيو. سيني جي اڳيان لائوڊ اسپيڪر واري جيپ هئي هن ۾ هڪ سک ۽ هڪ مسلمان آفيسر وينل هئا.

جيپ جي پويان ڊزن کن ٽرڪون هيون. هڪ ٽرڪ پٺاڻ سپاهين سان ڀريل هئي، ٻي سک سپاهين سان، سين وٽ اسٽين گنون هيون.

جيپ ڳوٺ جي پرسان اچي بيٺي ۽ آفيسر ٻاهر نڪتا. مسلمان آفيسر پٺاڻ سپاهين کي موڪلي مسلمانن کي ڪڍي اچڻ لاء چيو. هو هر گهر جو در کڙڪايو ٿي ۽ چيو پاڪستان هلڻ لاء سڀ مسلمان اچن جلدي جلدي. . .

هوريان هوريان مسلمان ٻاهر نڪرڻ شروع ٿي ويا. هنن پنهنجي وهٽن تي سڀ سامان کٽون هنڌ بسترا پيتيون گاسليٽ جا ڊبا رکيا. سڀ سک ڪانئڻ موڪلائڻ لاّء مڙي آيا. مسلمان آفيسر نمبردار کي سمجهائي رهيوهو ته اهو سڀ سامان کڻي وڃڻ جو ڪو بندو بست ڪونهي. هو پاڻ سان صرف پئسو ۽ ڪپڙو زيور کڻي سگهن ٿا. هن کي چئو ته اهي سڀ شيون هت ڇڏي هلن اوهين انهن جي حفاظت ڪندا.

نمبردار چيو: ”هڪ ٻن ڏينهن جي ڳالهه هجي ها ته اسين سامان جي حفاظت ڪيون ها پر واپسي ۾ شايد ڪيترا مهينا لڳي وڃن اسين هنن شين کي هٿ نه لڳائيندا سين اسين هنن جي گهرن جي حفاظت ڪنداسين.“

مسلمان آفيسر پاڻ مخاطب ٿيندي چيو ته هو ڳرو سامان ڇڏي هلن ٻيهر اچي کڻي سگهن ٿا.

مسلمان ٽرڪن ۾ سوار ٿيڻ لڳا. نمبردار اچا ٻه پري بيٺو هو مسلمان آفيسر کيس چيو: ”چو سردار ٻئي جي مال کي هٿ لڳائڻ پاپ ڪونهي؟“

سک آفيسر ڪاوڙ ۾ ٻڙ ٻڙ ڪندو رهيو. پويان ملهي جو آواز آيو: ”سردار صاحب هن ڳوٺ جا ماڻهو فياضي سبب شهرت رکن ٿا. هي ته پنهنجو پاڻ کي نٽا سنڀالي سگهن سامان ڇا سنڀاليندا توهان فڪر نه ڪريو اسان سنڀالي وٺنداسين.“ هن پنهنجي ٽولي ۽ نون آيل شرنارٿين ڏي اشارو ڪندي چيو.

ڪنهن کي موڪلائڻ جي فرصت ڪونه هئي. ٽرڪن جون انجڻون اسٽارٽ ڪيون ويون. مسلمانن کي ٽرڪن ۾ ويهارڻ شروع ڪيو تڪڙ سبب ڪو به هڪ ٻئي کي ڏسي نه پئي سگهيو هو

ترڪن مان ئي سلام ڪرڻ ۽ موڪلائڻ لڳا. مسلمان آفيسر سک آفيسر کي خدا حافظ چوڻ آيو ۽نهي مشيني انداز ۾ هٿ ملايو ڪنهن مرڪ يا خوش اخلاقي کانسواءِ.

جيپ ترڪن جي قطار ۾ اچي وئي لائوڊ مان مسلمان آفيسر نعرو هنيو ”پاڪستان“ سپاهين ورندي ڏني ”زنده باد!“

اهو قافلو چندر ننگر ڏي روانو ٿيو جيسين اکين کان اوجهل نہ ٿيو سک ڪين اتي بيهي ڏسندا رهيا پوءِ اکين مان لڙڪ لاڙي ڀڳل دلين سان ڳوٺ ڏي روانہ ٿيا.

*************

پر ڏينھن جا منظر ھو ننڊ ۾ بہ وساري ڪونہ سگھيا. ڪيترن ماڻھن اک ئي نہ پوري جيڪي ستا سي بہ ڇرڪ ڀري اٿي ٿي وينا. ڪين موٽرن جي گڙ گڙ ۽ وھٽن جا آواز بي چين ڪري رھيا ھئا. ھو سمھندي بہ سڏڪا ڀري رھيا ھئا ھنن جا منھنءِ ڏاڙھيون لڙڪن سان ڀرجي ويون.

جڏھن سچي موٽر جي ھارن جا آواز آيا تہ ڪين لڳو ڄڻ تہ ڪو خواب ڏسي رھيا آھن پري ڪان آواز آيو: ”ڇا سڀ مري ويا آھيو؟“

تہ ھو ننڊ ۽ جاڳ جي وچ ۾ ھا ڇوڻ لڳا!

پرہ ڦٽي مھل ايندڙ جيپ بہ اھڙي ھئي جنھن ۾ گذريل صبوح فوجي آفيسر آيا ھئا ائين ٿي لڳو ڄڻ اھا ڳوٺ جو رستو ڳوليندي آئي ھجي.

”گھر ۾ ڪير آھي يا نہ؟“

ڪو جواب ڪونہ ھو.

پوءِ اھا جيپ گوردواري وٽ اچي بيٺي. انھي مان بہ ڄڻا نڪتا.

”ھتي ڪو آھہ يا نہ؟“

پوءِ ايندڙن جوتا لاٿا ۽ گوردواري ۾ داخل ٿيا. انھي ۾ جيڪو اڳواڻ ھو اھو نوجوان ھو ھن وڏي اعتماد سان آسپاس ڏٺو ۽ چيو:

”ھي سکن جو ڳوٺ آھي.“

”اوھين ڪھڙي قسم جاسک آھيو مرد آھيو يا ڪدڙا“

”اوھانکي خبر آھي تہ ھتان ڪيترن ھندن جون ۽ سکن جون لاشن سان ڀريل گاڏيون لنگھيون آھن ان سلسلي ۾ اوھان ڇا ڀيا ڪريو؟“

منو ماجرا جي ماڻھن ڪنڌ ھيٺ ڪري ڇڏيا.

”اسين ڇا ٿا ڪري سگھون؟ اسان کي ٻڌايو تہ اسين ڇا ڪريون؟“

”اها آهي ڪم جي ڳالھ ٻڌو جيڪڏھن هو هڪ هندو مارين تہ اوهان بہ مسلمان ماريو. جي هو هڪ عورت جي بيحرمتي ڪن تہ اوهان ٻن جي ڪريو.“ هن ميت سنگھہ ڏي ڏٺو.

”ڇو ڀائي ڳالھائين نہ ٿو؟“

”مون ڇوڻ ٿي چاهيو تہ هتي جي مسلمانن اسان جو ڇا ڪيو آهي جو اتي جي مسلمانن جو بدلو هنن کان وٺون انهن کي مارڻ کپي جيڪي ڏوهي آهن.“

”اسانجي مردن ۽ عورتن ڇا ڪيو جو هنن کين برباد ڪيو.“

” سک مت جي تعليم ٻئي کنهن کي ڏجان اوهان جهڙن ئي هن ديش کي تباه ڪيو آهي.“

”توکي خبر آهي تہ گرو ڇا چيو هو؟“

”گرو تہ فوج ۾ مسلمان رکيا هئا.“

”انهن مان هڪ ستل گرو کي چرو هنيو هو.“

”نيڪ آهي مسلمان خراب هوندا.“

ميت سنگھہ وٽ هاڻ ڪا بہ ورندي ڪانہ هئي.

”ڇڏيوس ڪٽي هن غريب کي پاٺ ڪرڻ ڏيو.“

ڪيترن ماڻهن چيو نوجوان خوش ٿي ويو. ”ياد رکو مسلمان تلوار کانسواء ٻي ڪا ٻولي نہ سمجھندا آهن.“

سڀ منو ماجرا جا رهاڪو بيچيني محسوس ڪرڻ لڳا هاڻ هنن پنهن جي بهادري جو ثبو ت ڏيڻ ٿي چاهيو.

”اسان کي ڇا ڪرڻ کپي؟“

”آئون اوهان کي ٻڌايان جيڪڏھن اوهان ۾ حوصلو آهي تہ سڀاڻ هتان مسلمانن سان ڀريل گاڏي لنگھندي جيڪڏھن اوهان مرد آهيو تہ پوءِ ان گاڏي ۾ ايترائي لاشا موڪليو جيترا هتان آيا آهن.“

منو ماجرا تہ جڻ مينهن وسي ويو.

”انهي گاڏي ۾ منو ماجرا جا مسلمان ٻہ هوندا!“ ميت سنگهہ چيو

”ڀائي جي، آئون تہ رڳو اهو ٿو چاهان تہ اهي مسلمان هوندا جيڪڏهن اوهين چئو تہ اسين هليا وڃون. وڃي ٻئي ڪنهن هنڌ مڙس ماڻهو کي ڳوليون.“

پوءِ ڪجهہ دير ماٺ ٿي وئي.

”پر پل تي فوج جو پهرو آهي.“ اهو ملهي هو آواز ٻڌي آيو هو.

”اوهان فوج جو خيال نہ ڪريو . ڪو سورمو آيو آهي نہ؟“ هن پويان ڏسي چيو .

”اوهان جي لاءِ منهنجي جان بہ حاضر آهي.“

”شاباس ڪو تہ نڪتو اڄ وڏيڪ جانين جي ضرورت آهي آهي ڪو ٻيو؟“

ملهي جا چارئي ساٿي اندر آيا. هنن پويا ن ٻيا بہ گهڻا شرنارٿي اندر آيا هن هنن کي شاباس چئي حوصلا وڌايا لڳ ڀڳ پنجاه ماڻهو تيار ٿي ويا سڀ جانيون قربان ڪرڻ لاءِ تيار هئا.

”بس ڪوڙ آهن وڏيڪ جي ضرورت پيئي تہ ا چي وٺنداسين اڇو تہ دعا گهرون.“

سڀ اٿي بيٺا.

سڀ منجي صاحب جو رخ ڪري بيٺا. جت گرنٿ صاحب جي زيارت ٿيندي هئي پستول واري چوڪري ڏهن گروئن جا نالا وٺڻ شروع ڪيا انهن کي ٻانهن ٻيلي ٿيڻ جي التجا ڪئي پوءِ جهڪي مٿو ٽيڪيو.

نانڪ جي نالي
اميد تہ اسان جو سک مذهب مٿانهون ٿيندو
خدا جي مهرباني سان
سڄي دنيا ۾ اسانجو راڄ هوندو
راڄ ڪندا سک دنيا مٿان
جيڪي سندن پناه ۾ ايندا
اهي ئي بچنداجيڪو چوي ست سري اڪال
سو ٿئي بحال

ويٺلن جي جي ڪار چيو.

اڳواڻ چوڪري چيو: ”جيڪي دوست تيار ٿيا آهن اهي هن ڪمري ۾ هليا اچن باقي آرام ڪن.“

پاسي واري ڪمري ۾ همراهن اچي ديرو ڄمايو.

ليڊر پڇيو: ”اوهان مان ڪنهن وٽ بندوق آهي؟“

سڀ هڪ ٻئي ڏي نهارڻ لڳا.

”خير ڪا ڳالهه ڪانه آهي.

”اسان وٽ ڇهه ست رائفلون آهن. اوهين پنهنجون تلوارون ٻرڇيون ۽گهوباتا کڻي اچو. اهي بندوقن کان وڌيڪ ڪارائتا آهن. اسڪيم اها آهي ته سپاٽي سج لهڻ کانپوءِ جڏهن اونده ٿي ويندي ته اسين پل جي لوهي پٽ سان رسو ٻڌي ڇڏينداسين. انهي کي گاڏي جي ڇت کان هڪ فوٽ مٿي رکنداسين جڏهن گاڏي لنگهندي ته اهو رسو ڇت تي ويٺل مسلمانن کي ڪيرائي ڇڏيندو. اهڙي ريت گهٽ ۾ گهٽ چار پنج سو مسلمان مارجي ويندا.“

اها اسڪيم ٻڌي ويٺلن جون اکيون کلي ويون.

”گاڏي کي اڌ رات چندر ننگر مان روانو ٿيڻو آهي. انهي جون بتيون بند هونديون. گاڏي جي رواني ٿيڻ شرط هر سو والن تي بيٺل ماڻهُو هڪ ٻئي کي ٽارچ سان اشارو ڪندا. ٻرڇين وارا انهي مهل ڪريل مسلمانن کي سنڀالڻ اچي ويندا. بندوقن وارا بوگين تي گولين جو وسڪارو ڪن. اونده ۾ نشاني جي خبر ڪانه پوندي جيڪڏهن هنن گاڏي بيهاري ته اسين بچيلن کي به نه ڇڏينداسين.“

اها رٿ زبردست هئي انهي ۾ ڪنهن به قسم جو نقص نه هو.

”هاڻ اڌ رات گذري چڪي آهي ٿورو آرام ڪري وٺو. صبوح اسين پل تي هڪ هڪ ڄڻو بيهاري ڇڏينداسين.“

ٻاهران آيل ۽ ملهي جا ساٿي گوردواري ۾ سمهي رهيا. ڳوٺان گهر روانه ٿيا اهي ڊنا ٿي ته انهي سازش ۾ شريڪ ٿي گناه ڪندا.

نمبردار انهي مهل ماڻهو وٺي ٿاڻي روانو ٿيو.

*****************

ٺاڻيدار هڪ ڪاغذ ڪڍي وڏي سڏ پڙهيو.

”جگت سنگهه ولد عالم سنگهه سک جاٽ رهندڙ منو ماجرا ـــ ڏهه نمبر بدمعاش.“

”حاضر سائين“ جگو چيو.

”توکي چڏيو پيو وڃي پر توکي پهرين تاريخ صبوح جو سوير ڊپٽي صاحب جي عدالت ۾ پيش ٿيڻو آهي هتي آگونو هڻ.“

”هاڻ مونکي موڪل؟“ جگو آڱوٺو هڻي چيو.

”تون ٽانگي ۾ چڙهي وڃ. منو ماجرا هاڻ اڳي جهڙو نه رهيو آهي ڪلهه رات مسلمانن کي ڪئمپ نيو ويو اڄ کين گاڏي ۾ پاڪستان نيو ويندو.“

”ڳوٺ ۾ ڇا ٿيو هو صاحب ؟“ جگو پڇيو

”ڪجهه نه جيڪڏنهن هو ڳوٺ مان نه وڃن ها ته ڪجهه ٿي وڃي ها ڪيترا اوپرا ماڻهو مسلمانن کي مارين ها ملهي به انهن سان شامل ٿي ويو آهي هن انهن جي سامان تي قبضو ڪري ورتو آهي.“

جگو کي ڪاوڙ اچي وئي. ”هو حرامي سوئر جو ڦر ماء جو پيڻ جو ........ کين ڏسي وٺندس!“

ست سري اڪال چئي هو ٽانگي ۾ چڙهي وينو ٽانگو روانو ٿيو.

***************

جگو نوران جي باري ۾ سوچيو. هنکي ان تي اعتبار نہ پئي آيو تہ نوران منو ماجرا ڇڏي وئي هوندي. هن جي ماءُ کيس گهر مان نہ ڪڍيو هوندو جي ڪڍيو هوندو تہ هو بہ هليو ويندو اوچتو هن ڏنو ٽانگي گوردواري جي گهٽي ٽپي هو ٽپ ڏيئي ٽانگي مان لٿو ۽ اونده ۾ گم ٿي ويو.

*************

ميت سنگهه جگو کي گوردواري ۾ ڏسي چيو: ”اڄ ڏينهن تائين تو ڪڏهن گوردواري جو منهن ڪونه ڏٺو. هاڻ گرو آرام ۾ آهي ته تون چوين ته مونکي گرو صاحب جو واڪ ڏي!.“
ڪجهه ب پڙهه پر پڙهه.“
ميت سنگهه جپ جي جو نسخو ڪڍيو جيڪو سامهون آيس ان کي پڙهڻ لڳو.

”انجي نالي جنهن رات ڏينهن کي پئدا ڪيو آهي
هفتن جي ڏينهن ۽ مندن کي پئدا ڪيو آهي
زمين پئدا ڪئي ۽ گهرهتي جوڙيو
هزار قسم جي مخلوق پئدا ڪئي
جيڪو هر ساه واري جو سندس ڪم ۽ خيالن جو حساب وٺندو
خدا سچ آهي اهو صرف سچ کي پسند ڪري ٿو
جيڪو پنهنجي چونڊيل ماڻهن کي مقرر ڪري ٿو پاڻ ڏسي ٿو ته اهي سويارا ٿين
ڪجهه اهڙا عمل جيڪي هن دنيا ۾ پنهنجو ميوو ڏين ٿا
ڪڏهن به ختم نه ٿا ٿين او نانڪ جڳ هميشه ائين هلندو رهندو“

”هي واڪ سنو آهي. هن جو مطلب ڇا آهي؟“
”ان ۾ تنهن ڇا وڃي. جيڪڏهن تون سٺي ڪم لاء وڃين ٿو ته گرو تنهنجو مددگار ٿيندو، پر جي خراب ڪم سان وڃين ٿو ته توکي جهليندو. جي تون پڇتائيندي ته هو توکي معاف ڪندو.“

”ست سري اڪال.“

”ست سري اڪال.“

**************

هن کي گاڏي جو گهٽيل آواز آيو. يارهين وڳي چند نڪري آيو هو. گاڏي جي مٿاهين پٽي اوندهه جي پيٽ وانگر لڳي رهي هئي.

پل جي پهرئين واڙي سان گڏ هڪ ٿلهو رسو ٻڌل مٿي نظر اچي رهيو هو. هو وڏي آواز ڳالهائي رهيا هئا.

”چپ رهو نه ته ريل جو آواز ٻڌي نه سگهنداسين.“ ليڊر چيو

جڏهن سگنل جي هڪ ٻانهن ڪري ته پل جي ڪنبڻ جو عجيب آواز آيو. سڀ اتي پٽڙي کان ڏهه وال پري نشانو ڇٽي ويهي رهيا.

سيني جون اکيون ان خلا ۾ کپي ويون جتان گاڏي اچڻي هئي. پل تي ڪير نظر نه ٿي آيو. هڪ ماڻهو لوهه جي پل تي چڙهڻ لڳو هو. ان مهل نظر آيو جڏهن رسي جي ڳنڍ وٽ پهچي ويو هو. ڳنڍ کي لوڏي رهيو. هو ماڻهو لوهي رسي مٿان ليٽي پيو هن جا هٿ رسي جي اڏتي پهچي چڪا هئا. گاڏي اچا ٻه ويجهو اچي وئي انجڻ کان وٺي آخري بوگي تائين ماڻهن جي هڪ تهه نظر اچي رهي هئي.

اڳواڻ اتي دٻ ڪيو: ”لهه ڙي گڏه مارجي ويندين.“

ماڻهو ان ڏي ڏٺو ۽ ڪرپان ڪڍي زور سان رسي تي هڻڻ لڳو.

”هي ڪير آهي؟ ڇا ٿو ڪري؟“

هن وٽ وقت نه هو. ليڊر بندوق ڪلهي تي رکي فائر ڪيو هڪ ٽنگ رسي کان هيٺ لڙڪي پئي.

هو تيزي سان وڍي رهيو هو. انجڻ ڏهه يارنهن وال پري هئي. انهيءَ مان اڱار نڪري آسمان طرف اڏري رهيا هئا. ڪنهن ٻي وفائر ڪيو. ماڻهوءَ جو جسم رسي سان لڙڪڻ لڳو. تلوار هلائڻ جي پوزيشن وڃائي پنهنجي ڪاڏي ۽ هٿن جي سهاري لٽڪندو رهيو. پوءِ هو ٽورو زور سان اڇليو ۽ رسي کي بغل ۾ ڪٽي پيهر انهيءَ تي وار ڪرڻ لڳو. رسي جون ڪيترين ئي لڙيون وڍجي چڪيون هيون. رڳو هڪ سخت لڙي باقي بچيل هئي. پهرين هن چاقو ڪڍي ان جو وار ڪيو ۽ پوءِ ڏندن سان جهنجوڙڻ لڳو. انجڻ ٻه هن جي جسم تي چڙهڻ واري هئي. گوليءَ مٿان گولي هلي رهي هئي. انهيءَ کان اڳ جو ملهيءَ جي گولي انهيءَ اٽڪاڻ شخص کي لڳي. هو ڏکندي ڪري پيو. رسي جا ٻئي پاسا برابر برابر سرا پل جي ٻنهي پاسن کان لڙڪڻ لڳا. گاڏي جي انجڻ هن جي مٿان لنگهي وئي، پوءِ هڪ هڪ ڪندي سمورا ڊبا لنگهي ويا. جڳت سنگهه گاڏيءَ جي هيٺان اچي ڳترا ڳترا ٿي ويو هو ۽ هو مسلمان پناهگيرن کي وٺي ويندڙ گاڏي پاڪستان ڏانهن وڌندي وئي.

پورو ٿيو.

# وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net